# وهم ۽ بدشگوني

02 november 2017

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سُنتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# وهم ۽ بد شگوني

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جوّ آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

رسول اڪرم، شفيع اُمم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ ملائڪ منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي، جنهن کي سڄي

مخلوق جو آواز ٻڌڻ جي طاقت ڏني آهي، بس قيامت تائين جيڪو بہ مون تي دُرُود پاڪ پڙهندو آهي تہ اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي: ”فلاڻي جي پٽ فلاڻي اوهان تي هن وقت درودِ پاڪ پڙهيو آهي.“ (مسند بزار ،۴/ ۲۵۵، حديث:۱۴۲۵)

گرنے کو ہوں روک لو غوطہ لگے ہاتھ دو   ایسوں پہ ایسی عطا تم پہ کروروں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

۞ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ ٽيڪ لڳائي ويهڻ جي بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ۞ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ۞ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ۞ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوا الله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ۞ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَنحُوس (نِياڳو) ڪير؟

هڪ بادشاھ ۽ ان جا ساٿي جهنگل (Forest) ڏانهن وڃي رهيا هئا. صبح جي وقت گهوڙن جي ڊڪڻ جو آواز صاف ٻڌڻ پئي آيو، جن کي ٻڌندي ئي اڪثر واٽ ويندڙ رستي تان هٽي ويندا هئا ڇوته بادشاھ سلامت شڪار لاءِ ويندي ڪنهن جو رستي تي هلڻ پسند نہ ڪندو هو. بادشاھ ۽ ان جي ساٿين جون سواريون وڏي شان ۽ شوڪت سان شهر مان گذري رهيون هيون، جيئن ئي بادشاھ شهر جي فصيل (يعني چوديواري) جي ويجهو پهتو تہ ان جي نگاھ سامهون ايندڙ هڪ اڪ واري شخص تي پئي، جيڪو رستي تان هٽڻ بدران وڏي بي نيازي سان اچي رهيو هو. ان کي سامهون ايندي ڏسي بادشاھ ڪاوڙ مان رڙ ڪئي: اف! اها تہ وڏي بدشگوني آهي. ڇا ان بدبخت ڪاڻي کي خبر ناهي تہ جڏهن بادشاھ جي سواري گذرندي هجي تہ رستو ڇڏي ڏبو آهي، پر انهيءَ منحوس(نياڳي) ڪاڻي اسان جو رستو ٽپي وڏي نحوست جو ثبوت ڏنو آهي. بادشاھ سپاهين ڏي ڏنو ۽ ڪاوڙ مان چيائين اسان حڪم ڪيون ٿا تہ انهيءَ ڪاڻي شخص کي انهن ٽنين سان ٻڌو وڃي ۽ اسان جي موٽڻ تائين اهو شخص اتي ئي ٻڌل رهندو. اسان واپسي تي ان جي سزا سوچينداسين. سپاهين جلدي حڪم تي عمل ڪندي ان شخص کي ٽنين سان ٻڌي ڇڏيو، بادشاھ ۽ ان جا ساٿي تيزي سان جهنگل ڏانهن روانا ٿي ويا. بادشاھ جي تشويش جي برعڪس ان ڏينهن بادشاھ جو شڪار ڏاڍو ڪامياب رهيو، بادشاھ پنهنجي پسند جي جانورن ۽ پکين جو شڪار ڪيو. بادشاھ ڏاڍو خوش هو ڇوته اڄ ان جو ڪو هڪ نشانو بہ نہ گسيو بلڪ جنهن بہ جانور کي ڏٺو ان کي شڪار ڪري ورتو. وزير جانورن ۽ پکين کي ڳڻيندي چيو: ”واھ! اڄ تہ اوهان جو شڪارڪرڻ ڏاڍو پلو رهيو، ڇا نگاھ هئي ۽ ڇا تہ نشانو هو!“ اهڙي طرح سان سيئي ساٿي بہ بادشاھ جي تعريف ڪري رهيا هئا، جڏهن شام ٿي بادشاھ شهر جي ويجهو پهتو تہ ان شخص کي رسين سان ٻڌل ڏٺائين. بادشاھ جي سواري سان گڏوگڏ جانورن

۽ پکين سان پريل چڪڙو ٻہ پنيان هلي رهيو هو، جنهن کي ڏسي بادشاهہ ۽ ان جا ساٿي خوشي ۾ نہ پي ماپيا. پريل چڪڙو ڏسي اهو شخص ڏاڍيان بادشاهہ سان مخاطب ٿيو: ڏيو خبر بادشاهہ سلامت! اسان ٻنهي مان ڪير منحوس آهي، مان يا اوهان؟ اهو ٻڌندي ئي بادشاهہ جا سپاهي ان شخص تي تلوار تاڻي بيهي رهيا پر بادشاهہ انهن کي هٿ جي اشاري سان روڪي ڇڏيو. اهو شخص بنا ڪنهن خوف جي وري مخاطب ٿيو: ڏيو خبر بادشاهہ سلامت! اسان مان ڪير منحوس آهي "مان يا اوهان؟" مون توهان کي ڏٺو تہ مان رسين سان ٻڌل سڄو ڏينهن اُس ۾ سڙندو رهيس جڏهن تہ مون کي ڏسڻ سان اوهان کي تمام گهڻو شڪار حاصل ٿيو آهي. اهو ٻڌي بادشاهہ شرمسار ٿيو ۽ ان شخص کي جلدي آزاد ڪري، تمام گهڻي انعام ۽ اڪرام سان ٻہ نوازيائين. (بدشگوني ،ص۶)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ وهمي بادشاهہ تہ هڪ اک واري شخص کي منحوس سمجهي ان کي سخت اُس ۾ سڄو ڏينهن قيد رکڻ جي سزا ڏني پر پوءِ ٻہ ان کي شڪار ۾ اڳ کان تمام وڌيڪ ڪاميابي حاصل ٿي. هن حڪايت مان تہ انهن جي وهم جي مڪمل ڪاٽ ٿي وئي جيڪو ڪنهن انسان، جانور يا ڪنهن ڏينهن مهيني کي صرف پنهنجي وهم جي بنياد تي منحوس خيال ڪن ٿا جڏهن تہ شريعت ۾ ان جي ڪا حقيقت ناهي. ياد رکو! جيڪو شخص وهم جي آفت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي تہ ان کي هر شيءِ منحوس محسوس ٿيڻ لڳندي آهي، ايستائين جو وهمي شخص ڪم عقل ماڻهن جي ڳالهين ۾ اچي غلط فيصلو ڪري نہ صرف پاڻ آزمائش ۾ مبتلا ٿيندو آهي بلڪ ٻين ماڻهن جي لاءِ ٻہ جان جو وبال بڻجي ويندو آهي. ڪنهن مسلمان جي مَنحوس هئڻ جو خيال نفرت جي وبال ۾ وجهي سگهي ٿو. مَنحوس هئڻ جو وهم شيطان(Shaytan) جو اهو هٿيار آهي جيڪو مسلمانن کي پاڻ ۾ ڳچين ۾ هٿ وجهرائي، لڙائي، جهيڙو ڪرائي چين ۽ سڪون جي بربادي جو سبب بڻجي ويندو آهي. اها ڳالهہ سني طرح ذِهن ۾ رکو تہ ڪنهن شخص، هنڌ، شيءِ يا وَقت کي منحوس سمجهڻ جو اسلام ۾ ڪو تصوُّر ناهي اهي رڳو وهمي خيال هوندا آهن.

منهنجي آقا اعليٰ حضرت،امامِ اهلِسنّت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کان اهڙي قسم جو سوال ڪيو ويو تہ هڪ شخص جي باري ۾ هي مشهور آهي، جيڪڏهن صبح جو ان جي منحوس صورت ڏسڻ اچي وڃي يا ڪنهن ڪم سان ويندي اهو سامهون اچي وڃي تہ ضرور ڪجھ نہ ڪجھ تڪليف ۽ پريشاني ٿيندي ۽ چاهي ڪيترو ئي يقيني طور تي ڪم ٿيڻ جو اعتماد ۽ ڀروسو هجي پر انهن جو خيال آهي تہ ڪا نہ ڪا ضرور رڪاوٽ ۽ پريشاني ٿيندي. اهڙي طرح انهن ماڻهن کي انهن جي خيال مطابق هر دفعي تجربو (Experience) ٿيندو رهيو آهي ۽ اهي ماڻهو برابر ان ڳالھ جو خيال رکندا آهن تہ جيڪڏهن ڪيڏانهن ويندي اهو سامهون اچي وڃي تہ واپس پنهنجي گھر موٽي ايندا آهن ۽ ٿوري دير کان پوءِ اهو معلوم ڪندا آهن تہ اهو منحوس ڪٿي رستي تي اجان بيٺو تہ نہ آهي! پوءِ پنهنجي ڪم لاءِ ويندا آهن. هاڻي سوال هي آهي تہ انهن ماڻهن جو اهو عقيدو ۽ انداز ڪيئن آهي؟ ڪا شرعي قباحت تہ ناهي؟

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جواب ڏنو: شريعت مطهّره (پاڪيزه شريعت)۾ ان جي ڪابہ حقيقت ناهي، ماڻهن جو وهم اڳيان ايندو آهي، شريعت ۾حڪم آهي: اِذَا تَطَيَّرْتُمْ فَامْضُوْا يعني جڏهن ڪو بروگمان اچي تہ ان تي عمل نہ ڪيو. اهو هندوئن جو طريقو آهي،مسلمانن کي گهرجي تہ اهڙي موقعي تي اَللّٰهُمَّ لَا طَيْرَ اِلَّا طَيْرُکَ، وَلَا خَيْرَ اِلَّا خَيْرُکَ، وَلَا اِلٰهَ غَيْرُکَ [1] پڙهي، پنهنجي ربّ (عَزَّوَجَلَّ) تي ڀروسو ڪري، پنهنجي ڪم لاءِ هليو وڃي، هرگز نہ بيهي ، نہ واپس موٽي اچي. وَاللهُ تَعَالٰی اَعْلَمُ

(فتاويٰ رضويه،۶۴۱/۲۹ ملخصاً)

---

1... ترجمو: اي الله! ناهي ڪا برائي پر تنهنجي طرفان ۽ ناهي ڪا ڀلائي پر تنهنجي طرفان ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! دِينِ اسلام اهڙي طرح جي وهم ۽ خيالن جي مذمّت ڪري ٿو جو جنهن سان ڪنهن جي دل آزاري ٿئي، تنهنڪري اسان کي اسلامي تعليمات تي عمل ڪندي بدشگوني ۽ وهم کان بچڻ گهرجي. اچو! هاڻي شگون جي تعريف ۽ ان جي قسمن جي باري ۾ ٻڌون ٿا. جيئن

## شُگُون ڇا کي چئبو آهي؟

شگون جي معنيٰ آهي فال وٺڻ يعني ڪنهن شيءِ، شخص، عمل، آواز يا وقت کي پنهنجي لاءِ سنو يا بُرو سمجهڻ. ان جا بنيادي طور تي ٻہ قسم آهن: (1) بُرو شگون وٺڻ (2) سنو شگون وٺڻ. علّامہ محمد بن احمد انصاري قُرطبي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه تفسير قرطبي ۾ نقل ڪن ٿا: سنو شگون هي آهي تہ جنهن ڪم جو ارادو ڪيو هجي ان جي باري ۾ ڪا ڳالهہ ٻڌي دليل وٺڻ، هي ان وقت آهي جڏهن ڳالهہ سني هجي، جيڪڏهن بري آهي تہ بدشگوني آهي. شريعت هن ڳالهہ جو حڪم ڏنو آهي تہ انسان سنو شگون وٺي خوش ٿئي ۽ پنهنجو ڪم خوشي سان پورو ڪري ۽ جڏهن بري ڳالهہ ٻڌي تہ ان ڏانهن ڌيان نہ ڏئي ۽ نہ ئي ان جي ڪري پنهنجي ڪم کان بيهي. (تفسيرقرطبي،پ۲۶،الاحقاف،تحت الأية:۴، ۱۳۲/۸،الجزء۱۶ مفهوماً)

## بدشگوني ۽ سني شگون ۾ فرق

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدشگوني ۽ سني شگون ۾ فرق (Difference) ڄاڻي وٺو، انهن ٻنهي ۾ بنيادي فرق هي آهي تہ بدشگوني وٺڻ شرعي طور تي منع ۽ سنو شگون وٺڻ مُستَحَب آهي، ان کان سواءِ ✵ سنو شگون وٺڻ اسان جي مَدَني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو طريقو آهي جڏهن تہ بدشگوني بدبخت ڪافرن جو طريقو آهي ✵ سني شگون وٺڻ سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحم ۽ ڪرم سان چڱائي ۽ ڀلائي جي اميد هوندي آهي جڏهن تہ بدشگوني مان نا اميدي پيدا ٿيندي آهي ✵ نيڪ فال سان دل کي اطمينان ۽ خوشي حاصل ٿيندي آهي جيڪا هر ڪم جي جدوجهد ۽ مڪمل ٿيڻ جي لاءِ ضروري آهي جڏهن تہ بدشگوني سان بنا ڪنهن

سبب جي ڏک ۽ فکر پيدا ٿيندي آهي ✵ نيک فالي انسان کي ڪاميابي ۽ ترقي ڏانهن وٺي ويندي آهي جڏهن تہ بدشگوني سان مايوسي، سُستي ۽ ڪاهلي پيدا ٿيندي آهي جيڪا ناڪامي جي طرف ڌڪي ڇڏيندي آهي. ”مِراٰة المناجيح“ ۾ آهي: نيک فال وٺڻ سنّت آهي، انهيءَ ۾ الله تعاليٰ مان اميد آهي ۽ بدفالي وٺڻ ممنوع جو انهيءَ ۾ ربّ (عَزَّوَجَلَّ) کان نا اميدي آهي. اميد سٺي آهي، نا اميدي بُري، هميشہ ربّ ۾ اميد رکو. (مرآة المناجيح، ۶/۲۵۵)

## بدشُگوني مشرڪن جي پراڻي رسم آهي:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غير مسلمانن ۾ مختلف شين مان بُرو شگون وٺڻ جي رسم پراڻي آهي ۽ انهن جا وهمي ماڻهو هر شيءَ مان اثر قبول ڪن ٿا مثال طور ڪو شخص ڪنهن ڪم لاءِ نڪرندو هو ۽ واٽ ۾ ڪو جانور اڳيان کان گذري ويندو هو يا ڪنهن مخصوص پکي جو آواز ڪن ۾ پئجي وڃي تہ هڪدم گهر واپس ايندو، اهڙي طرح ڪنهن جي اچڻ ڪي، بعض ڏينهن ۽ مهينن کي منحوس سمجهڻ انهن وٽ مشهور هو. اهڙي طرح جا تصور ۽ خيال اسان جي معاشري ۾ بہ گهڻا ڦهلجي ويا آهن، اسلام اهڙي طرح جي تَوَهم پرستي (وهم) جي هرگز اجازت نٿو ڏئي ۽ اسلام جتي بين فضول رسمن جي پاڙن کي ختم ڪيو، اتي هن بُري رسم جو بہ خاتمو ڪيو آهي. (صراط الجنان، ۳/۴۱۲) اچو! بدشگوني بابت 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا، جيئن

1. ارشاد فرمايائون: جڏهن توهان حسد ڪيو تہ زيادتي نہ ڪيو، جڏهن توهان کي بدگماني پيدا ٿئي تہ ان تي يقين نہ ڪيو ۽ جڏهن توهان کي بد شگوني پيدا ٿئي تہ ان کي ڪري گذرو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ تي ڀروسو ڪيو.
(الکامل في ضعفاء الرجال، عبدالرحمن بن سعد،۵/۵۰۹)

2. ارشاد فرمايائون: منهنجي امّت ۾ ٽي شيون لازمي رهنديون: بدفالي، حَسَد ۽ بَدگماني. هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ

وَسَلَّم! جنهن شخص ۾ اهي ٽي خصلتون هجن، اهو انهن جو ڪهڙي نموني علاج ڪري ؟ ارشاد فرمايائون: جڏهن توهان حسد ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ کان اِستِغفار ڪريو ۽ جڏهن توهان بدگماني ڪيو تہ ان تي ڄميل نہ رهو ۽ جڏهن اوهان بدفالي ڪيو تہ ان ڪم کي ڪري ڇڏيو. (معجم ڪبير، ٣/ ٢٢٨، حديث : ٣٢٢٧)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مُعاملي ۾ اسان جي بزرگن سڳورن جو طريقو، عمل ڪرڻ وٽان آهي ڇوتہ اهي حضرات ڪنهن مخصوص شخص، هنڌ، وقت يا شيءَ کي پاڻ لاءِ منحوس خيال ڪري بدشگوني وٺڻ يا ستارن جي زائچن تي يقين رکي وهمي ماڻهن وانگر ذهني ڪشمڪش ۾ مبتلا رهڻ بدران رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي ذات تي ڪامل يقين رکندا هئا ۽ جنهن ڪم جو ارادو ڪندا هئا ان کي پورو ڪندا هئا، اچو! هن باري ۾ 2 سبق ڏيندڙ حڪايتو ملاحظ ڪريو،

## سفر تان نہ رُڪيا

اميرالمؤمنين مولا مشڪل ڪشا حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْڪَرِيْم جڏهن خارجين سان جنگ لاءِ سفر جو ارادو ڪيو تہ هڪ نجومي (Fortune-Teller) رڪاوٽ بڻجي چوڻ لڳو: اي اميرالمؤمنين اوهان نہ وڃو، حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْڪَرِيْم جن سبب پڇيو تہ ان چيو: هن وقت چنڊ عَقرَب (آسمان جي برجن مان هڪ بُرج) ۾ آهي جيڪڏهن اوهان هن وقت ويا تہ اوهان کي شڪست ٿيندي، اهو ٻڌي حضرت سيِّدُنا عليُّ المرتضيٰ ڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْڪَرِيْم جواب ڏنو: نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، حضرت صديق ۽ عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا نجومين تي اعتقاد نہ رکندا هئا، مان الله عَزَّوَجَلَّ تي توڪّل رکندي ۽ تنهنجي ڳالهہ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ لاءِ لازمي سفر ڪندس. پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهيءَ جهاد جي سفر لاءِ روانا ٿي ويا. الله تعاليٰ اوهان کي رسولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي حياتِ ظاهري کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ بَرَڪت انهيءَ سفر ۾ عطا فرمائي

ايتريقدر جو سمورا دشمن قتل ڪيا ويا ۽ حضرت سيِّدُنا عليّ المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم خوش ٿي، فتح حاصل ڪري واپس موٽيا.

(غذاء الالباب في شرح منظومة الآداب، ۱/۱۹۱، بتغير قليل)

بَعدِ خُلَفائے ثَلاثَہ سب صَحابہ سے بڑا
آپ کو رُتبہ ملا مولیٰ علی مشکلکُشا

قَلعۂ خیبر کا دروازہ اُکھاڑا آپ نے
مرحبا! صد مرحبا! مولیٰ علی مشکلکُشا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بدشگوني جي ترديد

اميرُالمُؤمِنِين حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي غلام مُزاحِم جو بيان آهي: جڏهن اسان مدينہ طيّبہ مان نڪتاسين تہ مون ڏٺو چنڊ ”دَبَران“ ۾ آهي، مون انهن کي هي چوڻ تہ مناسب نہ سمجهيو بلڪ هي چيو: ٿورو چنڊ ڏانهن تہ نهاريو، ڪيڏو نہ خوبصورت (Beautiful) پيو لڳي! پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڏٺو تہ چنڊ دَبَران ۾ هو، فرمايائون شايد اوهان مون کي هي ٻڌائڻ چاهيو ٿا تہ چنڊ دَبَران ۾ آهي، مُزاحم! اسان سج چنڊ سان گڏ ناهيون، بلڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ واحد ۽ قهّار جي حڪم ۽ مرضي سان نڪرندا آهيون. (سيرت ابن عبدالحكم، ص۲۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اصل نحوست تہ گناهن ۾ آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو تہ ڪو وقت برڪت وارو، عظمت ۽ فضيلت وارو تہ ٿي سگهي ٿو جيئن رمضان، ربيع الاوّل، جمعة المبارڪ وغيره پر ڪو مهينو يا ڏينهن منحوس نٿو ٿي سگهي. جيئن مشهور مُفَسّرِ قرآن،حڪيم الأمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اسلام ۾ ڪو ڏينهن يا ڪا

گهڙي منحوس ناهي، باقي ڪي ڏينهن برڪت ڀريا آهن. (مرآة المناجيح،۴۸۴/۵)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ صفر المظفر ٻـ ٻين مهينن وانگر هڪ بابرڪت مهينو آهي. جهڙي نموني ٻين مهينن ۾ رب عَزَّ وَجَلَّ جي فضل ۽ ڪرم جون بارشون ٿينديون آهن اهڙي طرح هن ۾ ٻه ٿي سگهن ٿيون بلڪ ان ڪي تہ صَفَرُ الْمُظَفَّر يعني ڪاميابي وارو مهينو چيو ويندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ معزز مهيني ۾ حضرت سيدُنا علي المرتضيڪَرَّمَ اللهُ تَعَالٰي وَجْهه الْكَرِيم ۽ خاتونِ جنت حضرتِ سَيدَتُنا فاطمہ زهرهرَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْها جي شادي خانہ آبادي ٿي. (الكامل في التاريخ ، ۱۲/۲) * صفر المظفر ۾ مسلمانن کي فتحِ خيبر نصيب ٿي. (البداية والنهاية،۳۹۲/۳) *سيفُ الله حضرتِ سيدُنا خالد بن وليد،حضرتِ سيدُنا عمرو بن عاص ۽ حضرتِ سيدُنا عثمان بن طلحہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم صفر المظفر انين هجري ۾ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي اسلام قبول ڪيو. (الكامل في التاريخ، ۱۰۹/۲) * مدائن (جنهن ۾ ڪسريٰ جو محل هو) جي فتح صفر المظفر سورهين هجري جي مهيني ۾ ٿي. (الكامل في التاريخ، ۲/ ۳۵۷)

پر افسوس تہ جيئن ئي صفرالمظفر جي پُر بهار ۽ بابرڪت مهيني جي آمد ٿيندي آهي تہ نُحُوست جي وهمي تصورن جي شڪار ڪجهہ نادانن طرفان هن پاڪيزه مهيني بابت طرح طرح جي غلط فهمين تي مشتمل پيغام ڦهلايا ويندا آهن ۽ هن مهيني (Month) کي انتهائي منحوس تصور ڪيو ويندو آهي تہ هن مهيني ۾ آفتون ۽ بلائون نازل ٿينديون آهن، تنهنڪري ڪابلي چڻن جي نياز ڏياري ويندي آهي يا وري اٽي جا ڳوڙها ناهي سمنڊ ۾ ٻوڙيا ويندا آهن، خاص ڪري هن مهيني جي آخري اربع کي گهڻو وڏيڪ منحوس تصور ڪيو ويندو آهي. اچو! هن مهيني جي باري ۾ڪجهہ غلط فهمين بابت ٻڌون ٿا،

حضرت علاّمہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: صفر مهيني کي ماڻهو منحوس سمجهندا آهن ان ۾ شادي مرادي ناهن ڪندا،

ڇوڪرين جي رخصتي ناهن ڪندا، اهڙن قسمن جي ٻين ڪمن کان بہ پرهيز ڪندا آهن ۽ سفر ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، خاص ڪري صفر جون ابتدائي تيرهن تاريخون تمام گهڻيون منحوس سمجهيون وينديون آهن ۽ انهن کي تيرهن تيزيون چوندا آهن، اهي سڀ جهالت جون ڳالهيون آهن. حديث ۾ فرمايو آهي: ”صفر ڪا شيء ناهي“ (بخاري،ڪتاب الطب،باب لاهامة، حديث: ۵۷۵۷، ۴/ ۳۶) يعني ماڻهن جو ان کي منحوس سمجهڻ غلط آهي. اهڙي طرح ذيقعده جي مهيني کي بہ ماڻهو ڏاڍو برو سمجهندا آهن ۽ ان کي خالي جو مهينو چوندا آهن اهو بہ غلط آهي ۽ هر مهيني ۾ 3، 13، 23، 8، 18، 28 (تاريخن) کي منحوس سمجهندا آهن، اها بہ لَغو (يعني بيڪار) ڳالهہ آهي. (مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا تہ) صفر جو آخري اربع هندستان ۾ گهڻو ملهايو ويندو آهي، انهيءَ ڏينهن ماڻهو پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيندا آهن، سير، تفريح ۽ شڪار واسطي نڪري ويندا آهن، پوڙيون پچايون وينديون آهن ۽ وهنجندا، خوشيون ملهائيندا آهن ۽ چوندا آهن تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ ڏينهن غسلِ صحت فرمايو هو ۽ مديني طيبہ کان ٻاهر سير جي لاءِ نڪري ويا هئا. اهي سڀ ڳالهيون بي اصل آهن بلڪ انهن ڏينهن ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو مرض وڌي ويو هو، اهي ڳالهيون خلاف واقع آهن ۽ ڪي ماڻهو هي چوندا آهن تہ انهيءَ ڏينهن مصيبتون نازل ٿينديون آهن ۽ طرح طرح جون ڳالهيون ڪيون وينديون آهن، سيئي بي ثبوت آهن، بلڪ حديث جو هي ارشاد: لَاصَفَرَ يعني صفر ڪا شيء ناهي. (بخاري،ڪتاب الطب،باب لاهامة، حديث: ۵۷۵۷، ۴/ ۳۶) اهڙي تمام خرافات (Nonsense) کي رد ڪري ٿو. (بهارِ شريعت،۳/۶۵۹)

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني درس“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ صَفرُ المُظَفَّر بابت عوام ۾ ڦهليل غلط فهمين جو حقيقت سان پري پري تائين ڪو واسطو ناهي، بلڪ اهي

صرف وهمي خيال ۽ علمِ دِين کان دُوري جو نتيجو آهي. تنهنڪري مسلمان هئڻ جي ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان اهڙي طرح جي وهمي خيالن کان پنهنجو پاڻ کي پري رکون ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي 12 مَدَني ڪمن ۾ خُوب حصّو وٺون ڇوتہ هن مدني ماحول ۾وهم ۽ بدشگوني کان بچڻ ۽ ان جي علاج جو ڀرپور ذهن ڏنو ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ 12 مدني ڪمن مان روزانو جو هڪ مَدَني ڪم ”مدني درس“ بہ آهي جيڪو عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو نهايت مؤثر ذريعو آهي. مدني دَرس مان مُراد هي آهي تہ شَيخِ طَرِيقَت، اَمِيرِ اَهْلِسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي ڪجھ ڪتابن ۽ رسالن جي عِلاوه سندن باقي سيني ڪتابن ۽ رسالن خاص ڪري فيضانِ سنّت مان مَسْجِد/چوڪ/بازار/دُڪان/دفتر ۽ گهروغيره ۾ دَرس ڏيڻ ڪي تنظيمي اِصطِلَاح ۾ مَدني دَرس چون ٿا.

❖ **مدني درس** نهايت ئي پيارو مدني ڪم آهي جو ان جي برڪت سان مسجد جي حاضري جي بار بار سعادت حاصل ٿيندي آهي.❖**مدني درس** جي برڪت سان ڪثير مطالعي جو بہ موقعو ملندو آهي.❖ مدني درس جي برڪت سان مسلمانن سان ملاقات ۽ "سلام" جي سُنّت عام ٿيندي آهي.❖ **مدني درس** جي برڪت سان اميرِ اهلسنّت جي مختلف موضوعن تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالن مان علمِ دِين سان مالامال قِيمتي مدني گل اُمّتِ مسلمہ تائين پهچائي سگهجن ٿا. ❖ مدني درس، بي نمازين کي نمازي بڻائڻ ۾ گهڻو معاون ۽ مددگار آهي. ❖ مدني درس جي برڪت سان مسجد جي حاضري سان محروم رهڻ وارن تائين بہ نيڪي جي دعوت پهچائڻ جو هڪ مُفيد ترين ذريعو آهي.
❖ مسجد جي علاوه چوڪ، بازار، دُڪان وغيره ۾ جيڪڏهن "مدني درس" ٿيندو تہ ان جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي اتي بہ تشهير ۽ نيڪ نامي ٿيندي.❖ مدني درس جي برڪت سان اميرِ اهلسنّت جي مختلف ڪتابن ۽ رسالن جو تعارف عام ٿيندو.

جو دے روز دو درسِ فیضانِ سنّت
میں دیتا ہوں اس کو دُعائے مدینہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منقول آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيدُنا مُوسيٰ كلِيمُ اللهعَلٰی نَبِیِّنَاوَعَلَیہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن وَحي فرمائي: اي مُوسيٰ! پلائي جون ڳالهيون پاڻ بہ سکو ۽ ماڻهن کي بہ سيکاريو چوتہ مان پلائي سکڻ سيکارڻ وارن جون قبرون روشن کندس تہ جيئن انهن کي کنهن قسم جي وَحشت نہ ٿئي. (حلية الاولياء،کعب الاحبار، ۶/۵ ،رقم:۷۶۲۲)

اچو! مدني درس جي هڪ ايمان افروز حڪايت ٻڌو ۽ خوش ٿيو. جيئڻ

## ڳانن باجن جو شوقين

هڪ اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مَدَني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضگي وارن ڪمن ۾ زندگي جا انمول ڏينهن برباد ڪري رهيو هو. فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ ڳانا باجا ٻڌڻ جو گهڻو شوقين هو. جيڪڏهن سفر تي وڃڻو پوندو هو تہ اهڙي بس ۾ ويهڻ پسند ڪندو هو جنهن ۾ فلمون ۽ ڳانا وغيره هلندا هجن، ان جي زندگي ۾ سُنّتن جي مدني بهار اهڙي طرح ظاهر ٿي جو هڪ ڏينهن عشاء جي نماز پڙهڻ مسجد ۾ وڃڻ ٿيو. نماز کان بعد هڪ مبلغ دعوتِ اسلامي وڏي پياري انداز ۾ مدني درس ڏيڻ شروع ڪيو، هي بہ ويجهو وڃي ويهي رهيو ۽ غور سان درس ٻڌڻ لڳو، فيضانِ سُنّت جو درس ٻڌي هو ان اسلامي ڀاءُ کان ايتري قدر مُتاثر ٿيو جو باقاعدگي سان مدني درس ۾ شرڪت ڪرڻ سندن معمول ٻڻجي ويو. ربيعُ الاَوَّل جي مبارڪ مهيني ۾ اسلامي ڀائرن جي ترغيب ڏيارڻ تي انهن کي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ”مدني مذاڪرو“ مدني چينل تي ڏسڻ جو موقعو مليو.

امير اهلسنت جا علم ۽حڪمت ڀريا مدني گل ٻڌي ان جو ايمان تازو ٿي ويو، قبر ۽ حشر جي تياري جو فڪر ذهن ۾ گهمڻ ڪرڻ لڳو، تنهنڪري انهن زندگي جي باقي پساهن کي غنيمت سمجهندي دعوتِ اسلامي جي سُنّتن ڀريي مشڪبار مدني ماحول سان وابسته ٿي ويو ۽ اميرِاهلسنّت جي عطا ڪيل مدني مقصد مون کي پنهنجي ۽ **سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** جي تحت نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

يقيناً مقدّر کا وہ ہے سکندر جسے خیر سے مل گیا مَدنی ماحول
یہاں سنّتیں سیکھنے کو ملیں گی دلائے گا خوفِ خُدا مَدنی ماحول
اے بیمارِ عصیاں تُو آ جا یہاں پر گناہوں کی دیگا دوا مَدنی ماحول
گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھُڑا مَدنی ماحول

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! وهم هڪ اهڙي بيماري آهي جيڪا انسان جو سُک چين سڀ ڪجهه کسي وٺندي آهي ۽ ان جي عقل جي صلاحيتن (Abilities) کي ضائع ڪندي آهي، جيڪي ماڻهو وهم جي آفت ۾ ڦاسي پوندا آهن ته ائين محسوس ٿيندو آهي جو جيئن انهن جي لاءِ شخصيات، هنڌ، وقت، نشانيون، تاريخون، ڏينهن، رات، مهينا يا سال وغيره ڪجهه به باعثِ سعادت نه آهن بلڪ اهي پنهنجي علاوه هر شيءَ کي پاڻ لاءِ هرو ڀرو منحوس خيال ڪري بدشگوني وٺندا آهن ۽ پاڻ تي مختلف بُرائين جا دروازا کوليندا آهن، مثال طور

## بَدشگوني جون صورتون

✲ ڪڏهن انڌي، منڊي، هڪ اک واري ۽ معذور ماڻهن کان ته ڪڏهن ڪنهن خاص پکي يا جانور کي ڏسي يا ان جو آواز ٻڌي بدشگوني ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن ✲ ڪڏهن ڪنهن وقت يا ڏينهن يا مهيني مان بدفالي وٺندا آهن ✲ ڪو ڪم ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ طريقيڪار ۾ نقص جي ڪنهن نشاندهي ڪئي يا ان ڪم کان رڪجڻ جو چيو ته ان مان بدشگوني وٺندا آهن ۽ چوندا آهن ته هاڻي تو دخل اندازي ڪئي آهي، ان ڪري اهو ڪم ٿي نه ٿو سگهي ✲ ڪڏهن ايمبوليـنس (Ambulance) جي آواز مان ته ڪڏهن فائربرگيڊ (Fire brigade) (باهه وسائيندڙ گاڏي) جي آواز مان بدشگوني ۾ مبتلا ٿيندا آهن ✲ ڪڏهن اخبارن ۾ شايع ٿيڻ وارن تارن جي حال مان پنهنجي زندگي کي غمگين ۽ پريشان ڪري ڇڏيندا آهن ✲ ڪڏهن مهمان جي وڃڻ کان پوءِ گهر ۾ ٻهاري ڏيڻ کي منحوس سمجهندا آهن ✲ ڪڏهن جُتي لاهڻ وقت جُتي جو ٻي جُتي جي مٿان اچڻ سان بدشگوني محسوس ڪندا آهن ✲ ساڄي اک ڦڙڪي ته هي يقين ڪندا آهن ته ڪا مصيبت ايندي ✲ جمعي جي ڏينهن عيد ٿئي ته موجوده حڪومت لاءِ ڳرو سمجهندا آهن ✲ ڪڏهن ٻلي جي روئڻ کي ته ڪڏهن رات جي وقت ڪتي جي اونائڻ کي منحوس سمجهندا آهن ✲ پهريون گراهڪ سامان وٺڻ کان سواءِ هليو وڃي ته دڪاندار ان کي بدشگوني سمجهندا آهن ✲ نئين ڪنوارجي گهر اچڻ تي خاندان جو ڪو ماڻهو فوت ٿي وڃي يا ڪنهن عورت کي رڳو ڇوڪريون ئي پيدا ٿين ته ان تي منحوس هجڻ جو ليبل لڳي ويندو آهي ✲ جيڪڏهن ڪا عورت اميد سان هجي ته ان کي ميّت جي ويجهو ناهن اچڻ ڏيندا جو ٻار تي برو اثر پوندو ✲ جوان عورت بيوه ٿيڻ تي ان کي منحوس سمجهندا آهن، ۽ هي به سمجهندا آهن ته ✲ خالي قينچي هلائڻ سان گهر ۾ جهيڳڙو ٿيندو آهي ✲ ڪنهن جو ڪنگو استعمال ڪرڻ سان ٻنهي ۾

جهيڙو ٿيندو آهي ❁ خالي ٿانوَ يا چمچا پاڻ ۾ ٽڪرائڻ سان گهر ۾ جهيڙو ٿيندو آهي ❁ جڏهن ڪڪرن ۾ ڪنوڻ چمڪي رهي هجي ۽ وڏو ٻار (پهريون ٻار) گهران ٻاهر نڪري ته سمجهندا آهن ته ان تي ڪنوڻ ڪري پوندي ❁ ٻار جا ڏند ابتا نڪتا ته ناناڻي (يعني مامن وغيره) تي ڏکيا ثابت ٿيندا آهن ❁ ننڍو ٻار ڪنهن جي ٽنگن جي وچان لنگهي وڃي ته ان جو قد ننڍو ٿيندو آهي ❁ ٻار ستو پيو هجي ان جي مٿان ڪو ٽپو ته ٻار جو قد ننڍو ٿيندو آهي ❁ مغرب کان پوءِ دروازي تي نه ويهڻ گهرجي ڇوته مصيبتن جو گذر ٿيندو آهي ❁ زلزلي دؤران جيڪو پڄندي زمين تي ڪري پيو اهو گونگو ٿي ويندو ❁ رات جو آئيني ڏسڻ سان منهن تي نشان ٿي پوندا آهن ❁ آڱرين مان ٺڪاءُ ڪڍڻ سان نحوست ٿيندي آهي ❁ سج گرهڻ وقت اُميد واري عورت ڇُري سان ڪا شيءِ نه ڪٽي نه ته ٻار هٿ يا پير ڪٽيل يا چيريل ڄمندو ❁ نئين چاول ٻار جا ڪپڙا ڌوئي نه نپوڙجن نه ته ٻار جي جسم ۾ سور ٿيندو ❁ ڪڏهن نمبرن (Numbers) مان بدفالي مراد ورتندا آهن (خصوصي طور تي يورپي ملڪن جا رهاڪو) ان لاءِ انهن جي وڏين وڏين عمارتن ۾ 13 نمبر واري منزل ناهي هوندي (ٻارهين منزل کان بعد واري منزل کي چوڏهين منزل قرار ڏيندا آهن)، اهڙي طرح انهن جي اسپتالن ۾ 13 نمبر وارو بسترو يا ڪمرو به ناهي هوندو ڇوته اهي انهيءَ نمبر کي منحوس سمجهندا آهن ❁ مغرب جي اذان وقت سيئي بلب ٻارڻ گهرجن نه ته مصيبتون نازل ٿينديون آهن. ذڪر ڪيل مٿين بدشگونين کان سواءِ به مختلف معاشرن، قومن، برادرين ۾ مختلف بدشگونيون رائج هونديون آهن.

(بدشگوني،ص١۶تا١٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان مان جيڪو به ان طرح جي بدشگونين جو شڪار آهي ته ان کي گهرجي ته سمجهداري جو مُظاهرو ڪندي هڪدم ان مرض مان جان ڇڏائي ڇاڪاڻ ته بدشگوني جون تباه ڪاريون ايتري قدر وڌيڪ آهن جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيظ .

اچو! عبرت جي لاءِ بدشگوني جي ڪجھ تباھ ڪارين بابت ٻڌون ٿا، جيئن

## بدشگوني جون تباھ ڪاريون

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 126 صفحن تي مشتمل ڪتاب” **بدشگوني**“ صفحي نمبر20 تي آھي تہ ٭ بدشگوني ۾ مبتلا ٿيڻ وارن جو **الله** عَزَّوَجَلَّ تي اعتماد ۽ توڪُّل ڪمزور ٿي ويندو آھي ٭ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي باري ۾ بدگماني پيدا ٿيندي آھي ٭ تقدير تي ايمان ڪمزور ٿيڻ لڳندو آھي ٭ شيطاني وسوسن جو دروازو کلندو آھي ٭ بدفالي سان ماڻھو ۾ وھم پرستي، بزدلي، ڊپ، خوف گھٽ ھمت ۽ ڪم ظرفي پيدا ٿيندي آھي ٭ ناڪامي جا ڪيترائي سبب (Reasons) ٿي سگھن ٿا مثال طور ڪم ڪرڻ جو طريقو درست نہ ھئڻ، غلط وقت ۽ غلط جاءِ تي ڪم ڪرڻ ۽ تجربو نہ ھئڻ پر بدشگوني جو عادي شخص پنھنجي ناڪامي جو سبب نحوست کي قرار ڏيڻ جي ڪري پنھنجي اصلاح کان محروم رھجي ويندو آھي ٭ بدشگوني جي سبب جيڪڏھن مٿي مائٽي، تعلّق ٽوڙيا ويا تہ پاڻ ۾ رنجش پيدا ٿيندي ٭ جيڪي ماڻھو پنھنجي لاءِ بدفالي جو دروازو کوليندا آھن انھن کي ھر شيءِ منحوس محسوس ٿيندي آھي.

## ڪتاب”بدشگوني“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بد شگوني بابت معلومات حاصل ڪرڻ ۽ ان مُوذي مرض مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 126 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بدشگوني “ جو مطالعو ڪريو. ھن ڪتاب (Book) ۾ شگون جا قسم، سٺي بُري شگون جا مثال، بدشگوني جون مختلف صورتون، بدشگوني جا نقصان، فال کولڻ ۽ ان جي اُجرت جو حڪم، استخارو ڪرڻ جا طريقا، دعائون ۽ فائدا، صفر ۾ پيش ايندڙ ڪجھ تاريخي واقعا، ٻنين کي نظرِ بد کان بچائڻ جو نسخو، مُوئي مبارڪ جون برڪتون، بدشگوني ۽

سني شگون ۾ فرق، سبق ڏيندڙ حڪايتون، واقعا ۽ ٻين ڪيئي مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هدِيةً طَلَب ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. اللّٰه عزّوَجلّ توفيق ڏئي تہ گهٽي تعداد ۾ خريدي تقسيم ڪريو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو تہ وهم ۽ بدشگوني توڙي جو گهڻو هلاڪ ڪرڻ وارا مرض آهن پر اهڙا مرض نہ آهن جيڪي لاعلاج هجن ۽ جن مان جان ڇڏائڻ نهايت دشوار هجي، تنهنڪري مايوس ٿي شيطان کي موقعو ڏيڻ بدران اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذات ۽ ان جي رحمت تي ڀروسو ڪندي انهن جي سببن تي غور ڪريو ۽ هڪدم علاج شروع ڪريو. اچو! بدشگوني جي سببن (Causes) ۽ ان جي علاج جي باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن

## بدشُگُوني جا 6 سبب ۽ اُنهن جو علاج

(1)...بدشُگُوني جو پهريون سبب اِسلامي عقيدن کان لاعلمي آهي. ان جو علاج هي آهي تہ انسان تقدير تي اهڙي طرح عقيدو رکي تہ هر ڀلائي، بُرائي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي علمِ اَزلي جي مطابق مقدّر ڪئي آهي، جيئن ٿيڻ وارو هو ۽ جيڪو ماڻهو جيڪو ڪرڻ وارو، پنهنجي عِلم کان ڄاڻي اهو ئي لکي ڇڏيو. تہ بَدشُگُوني دل ۾ جڳهہ ئي نٿي ٺاهي سگهي ڇوتہ جڏهن بہ انسان کي ڪو نقصان پهچندو تہ هو اهو ذهن ٺاهيندو تہ هي منهنجي تقدير(Fate) ۾ لکيل هو نہ اهو تہ ڪنهن شيءِ جي نُحوست جي ڪري ائين ٿيو آهي.

(2)...بدشُگُوني جو ٻيو سبب توڪل يعني الله تعاليٰ تي ڀروسو ڪرڻ جي ڪمي آهي. ان جو علاج هي آهي تہ جڏهن بہ ڪا بَدشُگُوني دل ۾ اچي تہ رب عَزَّ وَجَلَّ تي توڪل ڪريو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ بَدشُگُوني جو خيال دل مان ويندو رهندو.

(3)...بدشُگُوني جو ٽيون سبب بدفالي جي ڪري ڪم ڪان رڪجي وڃڻ آهي. ان جو علاج هي آهي تہ جڏهن ڪنهن ڪم ۾ بدفالي نڪري تہ ان ڪي ڪري ونو ۽ پنهنجي دل ۾ ان خيال کي جاءِ نہ ڏيو تہ ان بدفالي جي سبب مون کي هن ڪم ۾ ڪو نقصان وغيره ٿيندو.

(4)...بدشُگُوني جو چوٿون سبب ان جي هلاڪت خيزين ۽ نقصانن ڪان بي خبري آهي جو انسان جڏهن ڪنهن شيء جي نقصان ئي ڪان با خبر نہ آهي تہ ان ڪان ڪيئن بچندو؟ ان جو علاج هي آهي تہ انسان بدشُگُوني جي هلاڪت خيزين ۽ نُقصانن کي پڙهي، انهن تي غور ڪندي انهن ڪان بچڻ جي ڪوشش بہ ڪري.

(5)...بدشُگُوني جو پنجون سبب روز مرّہ جي معمولات ۾ وظائف شامل نہ هئڻ آهي. ان جو علاج اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت مولانا شاہ امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪجھ ائين ارشاد فرمائن ٿا: بدشگوني وغيره جا انديشا، وسوسا جڏهن بہ پيدا ٿين تہ انهن لاءِ قرآن ڪريم ۽ حديث شريف مان ڪجھ مختصر ۽ فائديمند دعائون لکان ٿو، انهن کي هڪ هڪ ڀيرو يا ڪجھ ڀيرا وڌيڪ اوهان ۽ اوهان جا گھر وارا پڙهن، جيڪڏهن دل مضبوط ۽ اهو وهم ختم ٿي وڃي تہ بهتر، نہ تہ جڏهن اهو وسوسو پيدا ٿئي هڪ هڪ ڀيرو پڙهي ڇڏيوءِ يقين ڪريو تہ **الله** (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جا واعدا سچا آهن ۽ شيطان ملعون جو ڊيڄارڻ ڪوڙ آهي، ڪجھ ڀيرا

پڑهڻ سان اللّٰه تعاليٰ جي مدد سان اهو وهم بالڪل ختم ٿي ويندو ۽ ڪڏهن بہ ڪنهن طرح سان ان مان ڪو نقصان نہ ٿيندو. اهي دعائون هي آهن:

(١) حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ ﴿۱۷۳﴾ (پ 4 آل عمران 173)

(اللّٰه اسان کي ڪافي آهي ۽ ڪهڙو نہ سٺو ڪارساز آهي)

(2) اَللّٰهُمَّ لَا طَيْرَ اِلَّا طَيْرُكَ، وَلَا خَيْرَ اِلَّا خَيْرُكَ، وَلَآ اِلٰهَ غَيْرُكَ.

(اي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ! تنهنجي فال فال آهي ۽ تنهنجو ئي خير، خير آهي ۽ توکان سواءِ ڪو معبود ناهي.) (باطني بيماريون کي معلومات،ص289 بتغير قليل)

(6)...بدشُگوني جو ڇهون سبَب نيڪ شُگون اختيار نہ ڪرڻ يا نيڪ شُگون اختيار ڪرڻ ۾ توجهہ نہ ڏيڻ ۽ ان جي بنيادي معلومات جو نہ هئڻ بہ آهي. بُرو شُگون وٺي ان تي عمل ڪرڻ سان جيئڻ تہ شريعت منع ڪري ٿي ۽ نيڪ شُگون وٺڻ شرعاً مستحب آهي. تہ بُري شُگون کان بچڻ جي لاءِ نيڪ شُگون وٺڻ جي عادت بڻائي وجي.

## مجلس ائمہ مساجد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بدشگوني جي سببن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي علاج جو هڪ بهترين ذريعو هي بہ آهي تہ اسان ڪنهن سني ماحول سان وابستہ ٿي دينِ متين جي مدني ڪمن ۾ مشغوليت اختيار ڪري هن موذي مرض جي ڪاٽ ڪريون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ بدشگوني سميت ڪيئي بُرائين جي نہ صرف اسباب ڏانهن ڌيان ڏياريو ويندو آهي بلڪ انهن جي علاج جي طريقن بابت بہ مدني گل ڏنا ويندا آهن تنهنڪري اوهان بہ هن مدني ماحول سان وابستہ ٿي خوب خوب برڪتون ماڻيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ

اسلامي خدمتِ دِين جي 104 شعبن (Departments) ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن مان هڪ شعبو ”مجلس ائمّہ مساجد“ بہ آهي جيڪا مسجدن جي آبادڪاري جي لاءِ خطيبن، امامن ۽ مُوَذِّنن کي مقرر ڪرڻ جو ڪم سَرانجام ڏيندي آهي ۽ انهن جي خَيرخَواهي ڪندي مناسب مُشاهرو بہ مُقَرَّر ڪندي آهي، تہ جيئن اهي اسلامي ڀائر مُعاشي پريشانين مان آزاد ٿي خُوب نيڪي جي دعوت عام ڪندا رهن. مسجدن کي آباد ڪرڻ ۾ امامن ۽ مُؤذّنن جو اَهمّ ڪردار هوندو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ امام سڳورا، صداءِ مدينہ، اِنفِرادي ڪوشش جي ذريعي باجماعت نماز جي رَغبت، مدني درس (دَرسِ فيضانِ سُنَّت) ،نمازِ فجر کان بعد مَدني حلقي ۾ شِرڪت، مدني دوري جي ذريعي ان مسجد جي آسپاس جي گهرن ۽ دُڪانن وغيره ۾ نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ ۽ سُنَّتن جي تربيت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن جي بَرڪت سان مَسجدن کي آباد رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. الله تعاليٰ مجلس ائمہ مساجد کي وڌيڪ ترقيون ۽ عروج نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہوجائیں مولا مسجدیں آباد سب کی سب — سب کو نمازی دے بنا یاربِّ مُصطفٰے
اَحکامِ شَرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق — پیکر خُلوص کا بنا یاربِّ مُصطفٰے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## اُمِّ عطار جو مبارڪ ذڪر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هي صفر المظفر جو مبارڪ مهينو پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، ان ۾ شيخ طريقت،اميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي

والده ماجده رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیها جو وصال ٿيو، انهيءَ مُناسبت سان انهن جو ذڪرِ خير بہ ٻڌون ٿا. جيئن تہ پاڻ هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار خاتون هئي. جن مڙس جي وفات جي باوجود سخت ترين معاشي آزمائشن ۾ بہ پنهنجن ٻارن جي اسلامي طريقي مطابق تربيت ڪئي، جنهن جو واضح ثُبوت خود اميرِ اَهلسنّتدَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي بابرڪت ذات آهي. پاڻ هڪ پيري ٻڌايو تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّ وَجَلَّ والده محترمہ جو شروع کان ئي فرضن ۽ واجبن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جو ايتري قدر ذهن هو جو ننڍي عمر کان ئي اسان پيڻ ڀائرن کي نمازن جي تلقين فرمائڻ سان گڏ سختي سان عمل بہ ڪرائيندڙيون هيون، خاص ڪري فجر نماز جي لاءِ اسان سڀني کي لازمي جاڳائيندڙيون هيون. والده ماجده جي ان طرح تلقين ۽ تَربِيت جي بَرَڪت سان مون کي ياد نٿو پوي تہ منهنجي ننڍپڻ ۾ بہ ڪڏهن فجر نماز رهجي وئي هجي.

شيخِ طريقت،اميرِاَهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه فرمائن ٿا تہ والده محترمہ جو شبِ جُمُعہ (جمعرات ۽ جمعي جي وچين رات) جو ميٺادر(باب المدينہ ڪراچي) جي علائقي ۾ اِنتقال ٿيو. موت جي وَقت مون کي وڏيڪ ياد ڪري رهي هئي، پيڻ ٻڌايو: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪلمو شريف ۽اِسۡتِغفار پڙهڻ کان پوءِ زبان بند ٿي. خاص ڪري غُسل ڏيڻ کان پوءِ چهرو نهايت ئي رَوشن ٿي ويو. جنهن زمين جي حصي تي رُوح قَبض ٿيو، ان مان ڪيئي ڏينهن تائين خوشبو پئي آئي ۽ خُصوصاً رات جي ان حصي ۾ جنهن ۾ اِنتِقال ٿيو هو، مختلف قسم جي خوشبوئن جي مهڪ ايندي هئي. ٽيجهي(ٽين) واري ڏينهن صبح جي وَقت ڪجھ گُلاب جا گل ونئي رکيا هئا جيڪي شام تائين تقريباً تروتازه رهيا جيڪي مون پنهنجي هٿ سان والده جي قبر تي چڙهايا. يقين مڃو ان مان اهڙي عجيب مهڪندڙ خوشبو هئي جو مان حيران رهجي ويس، ڪڏهن گلاب جي گلن مان مون اهڙي خوشبو نہ سُونگهي هئي نہ هينئر تائين سونگهي آهي

بلڪ ڪلاڪن تائين اها خُوشبو منهنجي هٿن مان بہ ايندي رهي.
(تذکرۂ امیرِ اہلسنت(قسط2)، ص۴۱ ملتقطاً)

جَبِیں مَیلی نہیں ہوتی دَہن مَیلا نہیں ہوتا     غلامانِ محمد کا کفن مَیلا نہیں ہوتا

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! واقعي اُمِ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیها ڪا عام خاتون نہ هئي بلڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مقرب، صابره ۽ شاڪره ۽ باهمت خاتون هئي جيڪي آزمائش جي گهڙي ۾ ثابت قدم رهندي پنهنجي اولاد جي سُنّتن جي مطابق تربيت ۾ مشغول رهيون، جيڪي نمازن ۽ سُنّتن جي پاڻ بہ پابند هئي ۽ پنهنجن ٻارن کي بہ نماز پڙهڻ جي تلقين ڪندي هئي، شايد سندن اها ادا ربّ تعاليٰ کي پسند اچي وئي، ان ڪري دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت ڪٽي وئي، وصال کان پوءِ چهرو بہ جگمگائڻ لڳو ۽ جنهن هنڌ وصال ٿيو اها جڳهہ بہ مهڪندڙ خوشبوءَ سان مشڪبار ٿي وئي، جيڪڏهن اسان جون اسلامي ڀينرون بہ اُمِ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیها جي ڪردار مان سبق حاصل ڪندي ۽ نفس ۽ شيطان جي مخالفت ڪندي پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي شريعت جي زيور سان سينگارين، فرائض ۽ واجبات جي پابندي کي لازم ڪري ونن، جنهن نموني اهي ٻارن جي اسڪول يا ٽيوشن وڃڻ کان چٽي هئڻ نہ ٿيون ڏين جيڪڏهن اهڙي طرح نمازن وغيره جي معاملن ۽ ضروري دِيني تعليمات جي لاءِ بہ ڪوشش ڪن تہ ان جا دنيا ۾ بہ گهڻا فائدا حاصل ٿيندا ۽ آخِرت ۾ بہ برڪتون نصيب ٿينديون.

17 صفر المظفر تي اُمِ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیها جو يوم عرس ملهايو ويندو آهي، جنهن کان ممڪن ٿئي اُمِ عطار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیها جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن جي مدني قافلن ۾ سفر ڪن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان وهم ۽ بدشگوني جي حوالي سان جيڪو بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي ان مان اسان کي ڪجھ مدني گل حاصل ٿيا، مثال طور

♣ ڪنهن شخص، هنڌ، شيءِ، مهينو، سال، وَقت يا تاريخ کي منحوس سمجهڻ جو اسلام ۾ ڪو تصوُّر ناهي ڇوته اصل نحوست ته گناهن ۾ آهي.
♣ بدشگوني وٺڻ شيطاني ڪم ۽ سنو شگون وٺڻ مستحب ڪم آهي.
♣ بَدشگوني هڪ عالمي بيماري آهي،مختلف ملڪن(Countries) ۾ رهڻ وارا ماڻهو مختلف شين مان بدشگوني وٺندا آهن.
♣ بَدشگوني انسان جي لاءِ دِيني ۽ دُنيوي اعتبار سان گهڻي خطرناڪ آهي.
♣ صفر جي مهيني يا ان جي آخري اربع کي منحوس سمجهڻ، تارن جي اثرات تي يقين رکڻ ۽ نجومين وٽ وڃڻ خلافِ شرع ڪم آهي، حقيقت جو ان ڪان ڪو تعلق ناهي.
♣ بزرگ سڳورا تارن جي تاثير جا بلڪل به قائل نه هئا، تنهنڪري اهي حضرات جنهن ڪم جو ارادو ڪندا هئا ان کي پايہ تڪميل تائين پهچائي ئي ڇڏيندا هئا.

الله عَزَّوَجَلَّ اُمِ عطار جي طفيل اسان کي وهم ۽ بدشگوني جي آفت کان محفوظ فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي:

جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

ان کی سنّت کا جو آئنہ دار ہے　　بس وُہی تو جہاں میں سمجھدار ہے
(وسائلِ بخشش،ص۴۷۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جُتي پائڻ بابت سُنّتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخ طريقت، امير اهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان جُتي پائڻ جا 7 مَدَني گل ٻڌون ٿا.فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:(1) جُتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي) (مُسلِم ص ۱۱۶۱ حديث۲۰۹۶) ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين ڇنڊي ونو ته جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جُتي پائي ته ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي ته کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي. (بُخاري ج ۴ ص ۶۵ حديث۵۸۵۵) ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورتن تي لعنت فرمائي آهي. (اَبُو دَاوٗد ج۴ ص ۸۴ حديث ۴۰۹۹) ﴿6﴾ جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو. ﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي به آهي ته) اونڌي جوتي کي ڏسڻ ۽ ان کي سڌو نه ڪرڻ. ”دولت بي زوال“ ۾ لکيل آهي ته سڄي رات جُتي اُبتي پيل رهي ته

شيطان اچي اُن تي ويهندو آهي، هي ان جو تخت آهي. (سني بهشتي زيور حصه ۵ ص۶۰۱)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“**سنتيں اور آداب**” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

سنّتیں عام کریں دین کا ہم کام کریں
نیک ہو جائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.(1)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.(2)

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## (4) ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net